1310

1310
DUKHĀYAL (Hūndrā) Lālārām)
Ālāp-i āzādī.
Lārkānah (Hyderabad printed): H.L. Dukhāyal, [1932?].
24 p. 18 cm.
Nationalistic songs in praise of Gāndhi, etc. and condemning British rule in India.
PP Sindhi 16; PIB 215/45

NATIONAL ARCHIVES OF

الأدب الأردي

MUSEUMS OF INDIA

مهاڳ

قومي هلچل ۾ جوشبلا راڳ اُتساهه ڦوڪڻ لاءِ اهڙا ڪارگر آهن جهڙو عام لڙائي لاءِ بئنڊ.

قومي راڳن جا ڪتاب انيڪ آهن. پر انهن ۾ اڪثر ڪري راڳ ڪچا ڦڪا آهن. جن ۾ ڪوتا جي خوبي خير ڪا آهي. وزن ۽ پنگل نٿل.

"آلاپ آزادي" ۾ راڳ چڱا خاصا آهن. منجهن نراڪت ۽ جوش آهي، معني ۽ مطلب، باقي جي گائيندڙ چڱيرو آهي تہ واهہ جو لطف ٿو اچي. اميد تہ "نڪايل" جي ڪوتا جو قدر ٿيندو.

عيلهارام

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

آلاپ آزادي
ALAP AZA'DI

پارت ماڻا جي پڪار

پيروي

طرز- ڀڏي ڀانهون چيم دلبر نه ڪر برباد گهر منهنجو

۱- مصيبت پاڻ منهنجي سان لڳائي ڪا لڙائي آ
بلا بطجي سندم سرتي سا بيدرديءَ سان آئي آ
غريبي ساري دنيا جي منهنجي گهر ۾ سمائي آ
هيءَ آهي آپدا تنهنجي پاڪرمن جي ڪڇائي آ
نبل سنتان اج منهنجي رکي اڪري لاءِ روئي ٿي
اٿڻ سان ليڻ نيراڻا نچوئي ٿي نچوئي ٿي .

۲- تون چاٽين ٿو ته هڪ سرجي سراسر ڇا ڪمائي آ
ڏهاڙي ڏيڍ آنو ڪن، عجب جهڙي سچائي آ
هزارين دربدر بچڙا سرن تي چار پائي آ
گذاري گاهه تي اج تن ڏکي ويلا ٽپائي آ
قلع پارس کي اس جوڏر غريبي جوئي گهروآ
منهنجي قسمت ۾ اڄ داتا الڏيرو آ الڏيرو آ

۳- ديا تنهنجي بنا منهنجي غريبيءَ کي مٽائيندي
بطي پارس سموري لوهه کي سونو بڻائيندي
ديا تنهنجي منهنجي سنتان جو ڏکڙو گهٽائيندي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

سنڌ پارت وري پگوڻ جگائيندي!
سڪن جو ڪو سمو منهنجي قسمت ۾ لکيل ناهي ڇا؟
سچي آزادگي ۾ونکي ملي قدرت ڪان ناهي ڇا؟
١- لنهنجي سنڌان پنهنجو پاڻ کي خود آهه پيڙايو،
غلاميءَ جو پٿر پنهنجي مٿان تن پاڻ ڪيرايو،
غلاميءَ جي "دڪايل" بند ۾ تن پاڻ قاسايو،
غلاميءَ ۾ گذاريندي شرم تن کي نه ڪو آيو،
نه قسمت تي رکڻ گهرجي ڪپي اڄ تي اورچائي،
دنيا ۾ ڪين بزدل آ ڪڏهن آزادگي پائي.

مٽي ويا ڇا؟

پيلو

طرز- آلڪ ۾ آلسون ٻري هئن دل ۾ تيري ياد هيءَ

ٽلهه- تي فغان هرسو ته هندستان وارا ويا مٽي
شان بڻجي غير جو خود شان وارا ويا مٽي
١- ڀوانڀو ايمان آنجا پنهنجي مڪان جي ڀريب
ڏينهن ٻن جي ڀالوءَ آ بلڪان وارا ويا مٽي
٢- تي اڏي چوڏاهوا ۾ غافلو جاڳي ڏسو
آسمان سان سرهٽي يونان وارا ويا مٽي
٣- جو تجارت جي عمارت کي تا گولين سان ڇڏيو
ڇوت سان ڇپاڻجي سومان وارا ويا مٽي
٤- اي "دڪايل" پاڻتي افسوس ڪرڻ آ ضرور
جوش سان لڙلدي ڏرم ايمان وارا ويا مٽي.

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

نہ گھرجي ظالم سرڪار

سرگس لاءِ

ٽيڪ - اهين رکڻي اهين رکڻي سرڪار وفادار اهين رکڻي
تلهه - نان گهرجي - نان گهرجي - سرڪار ظالم نان گهرجي

١- جليانوالا باغ جي اندر - ماريا سو هزار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٢- بند گذاري پارٽ واسي - ٿي ويا ڇا مردار؟
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٣- جاڳڻ جو آ وقت جوانو - جاڳي ٿيو هوشيار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٤- * داس سچو هو داس ملڪ جو - ٿي ويو ظلم شڪار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٥- لالا لجپت راءِ ڪيو ويو - موت مڙان هسوار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٦- سمو سمهڻ جو ناهه عزيزو - پائڻ ٿيو بيدار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٧- جنگي جوڌا ستيا گرهه لاءِ - لڪري ٿيو تيار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٨- آهه اهنسا قلعو اوهان لاءِ - خوف نه آ درڪار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

٩- آهه "دڪابل" ڪالڊي پيارو - پارٽ جو مهندار
ظالم نان گهرجي - نان گهرجي - نان گهرجي سرڪار

---

* داس - جتندر ناٿ داس

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

نوجوانن کي سڏ

پيروي

طرز- گرو مهراج لاج رکه ميري زمانو سخت ٻاري آ.

ٽلهه- جـــوانو عيش عشرت ۾ اچان آيـــؤ ويٺائيندا؟
غلامي وبس پارت کي اچان ڪيسين ڍڪائيندا.

۱- غلاميءَ ۾ ڳذارڻ کان جوانو موت بهتر آ
غلاميءَ ۾ جهڪائي سر ٽڪڻ ڪيسين گسائيندا.

۲- غلاميءَ ۾ رهي جو ٻاڻ تي دنيا ڪلايو تا
غلامي داغ هستيءَ تان ڪڏهن پنهنجي مٽائيندا.

۳- بکين پاڻن جي آهن ۾ اثر پورو نه آهي ڇا؟
بکن ۾ ڇا اچان ڄاڻيون غريبن جون ڳنوائيندا.

۴- جوانو جنگ جو ميدان پڪاري اج اوهانکي تو
ڪڏهن ميدان ۾ مرڪي مرڻ ۽ پير پائيندا.

۵- وطنيءَ سان جٽائيءَ جي لڳي جوانو لڙائي آ
وطن خاطر جٽا سر لي ڪٽي ميدان ماريندا.

۶- ڪهي آزاد ماتا کي اوهانجو خون پيٽا ۾
ڪڏهن مرڪي خوشيءَ سان خون جو پيالو پري ڏيندا.

۷- جوانو هند وارا هام آزادي هٿي وينا
ڪڏهن هن هام کي هيڪر حڪومت کي رسائيندا.

۸- ”ڪابل“ هندماتا جي اوهان ۾ آس باقي آ
ڪري آزاد پارت کي ڪڏهن جهنڊو جهلائيندا.

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

انقلاب زندهه باد

پيلو

تلهه - ڇاهين تو تون دنيا ۾ آئي انقلاب ڪر
اي جوان انقلاب جو نعارو بلند ڪر

شعر - ڇوطرف آهه جنگ جو بيوگل وڄي رهيو
هر شهر ڪل سپاهي مدد لاءِ پڄي رهيو
هر هڪ قدم تي پوئتي اڳتي ڪڄي رهيو
آزادي آرزو ۾ رڄي ۽ رڄي رهيو

١- ماڻا جي مرڪندي هلي قدمن ۾ سيس ڏر
اي جوان انقلاب جو نعارو بلند ڪر

شعر - رستو اڻانگو وات ڏکيري ۽ واهه آ
هرسو انداري رات سڄاڻ نه راهه آ
هرگز نه هت جي توب تشنگن سان ڳاهه آ
لهنجي لاءِ اهنسا جو قلعو ئي پناهه آ

٢- ٽيندو ۽ اهنسا جو ڪڏهن ٻيو بي اثر
اي جوان انقلاب جو نعرو بلند ڪر

شعر - جو تو ڏچين اي جوان جي پاڻي اٿاهه آ
گج گوڙ ڳاج شور ۾ بلڪل درياهه آ
ڪر خوف لون نه لوسان نه سهڻو ملاح آ
يارب جو مور ڳانڍي نه بي تاج شاهه آ

٣- سختين جي آڪ شعر لون برندي ڏسي نه ڏر
اي جوان انقلاب جو نعرو بلند ڪر

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

شعر- تو لي فتح جو جوان سمورو مدار آ
پارت جي شير تو تي رڌائيءَ جو باز آ
لائق پترئي ماتا جي نيٺن جو نار آ
مرندين ٿڌهن به تو لاءِ ڪابل سرڳ دوار آ
۴- پرواهه ناهه آهه "ڪابل" جي ڪو خطر
اي جوان انقلاب جو نعارو بلند ڪر.

نوجوانن کي للڪار

سرگس لاءِ

طرز- آگيا پنت اڪالي بابا پنت اڪالي

ٿله- لوڻ هٿن سان ناهيو اعلان گانڌيءَ آيو.
ستيا گرهه جو سهيو اعلان.....

۱- ڪلندا ڪڏندا ڪوبا ايندا جنگ سندو ميدان ايندا
اڳتي پير وڌايو اعلان.....

۲- فرض نه پنهنجو وڃڻيو وساري آزاديءَ جو گهنڊ اڪاري
قومي جهنڊو جهلايو اعلان.....

۳- پالا تڙجيون پاڻي ڏالائن گوليون ظالم ڇوڙ وسائن
سختيون سور سهايو اعلان.....

۴- آزاديءَ جو ناد وجايو طوق غلامي سر تان لاهيو
پاڻ ڪيا بيجايو اعلان.....

۵- ايندا جوڌا جيل برندا مدبر جو فرمان وڃندا
هند کي ڪين لڄايو اعلان.....

۶- جاڳو جوانو ٻوٽو ٻاريو مانا جو نا درد وساريو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

اکوندر کند ڪپايوا علان .....

٧- جاڳ "دڪايل" پارتواسي مٿچه ماتا سندي اداسي،
مرڪي ٻاڻ ملهايو اعلان .....

پارت جو گجندڙ شير

پيارو

١- آدر اتاهه تو لاءِ، هردل ۾ چاهه تو لاءِ،
سارو سپاهه تو لاءِ، عزت ۽ پاهه تو لاءِ،
پارت جا اولاد لارا!
اعليٰ اصول وارا.

٢- قوميت ۾ پاءِ توڪان- ايندو شعاع توڪان،
سهڻو ستاءِ توڪان- ماڪي ٻناءِ توڪان،
شيرين ٻول تنهنجو!
ڪرڙو آ قول تنهنجو.

٣- پي تاج شاهه آهين- دل جو درياهه آهين،
اولهون اتاهه آهين- ڪامل دلاڪ آهين،
عالي دماغ آهين!
روشن چراغ آهين.

٤- جنهنتي دباءِ جاري- مشڪل ساراهه ساري،
زنجير آهه زاري- ڳردن تي بار باري،
اهڙي سمي اوهالجي!
گهرجي مدد اي مالجهي.

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٥- اونڌهه جتي سمائي- آهي نه روشنائي،
ليڪن سڌ سچائي- ڏيندي ڪري صفائي،
تنهنجو عجب اشارو!
ويجهو ڪندو ڪنارو.

٦- ڳهاڻ ڏکيرو ڳهڻ ۾- سوراج جي سفر ۾،
پهچان جئين پهر ۾- آزادگي مندر ۾،
تيندي اُميد پوري!
ثابت ڪڏهن سموري.

٧- ارجن سمان گانڌي- جوانن ۾ جوان گانڌي،
پارٿ جو شان گانڌي- ماتا جو مان گانڌي.
پليل جي راهه گانڌي!
پوري پناهه گانڌي!

٨- پارٿ سندو مدبر- گانڌي سچو تون ليڊر
ڪمراهه لاءِ زهير- اهنجي ۾ آس آذر
ٿيندا وري "ڊڪايل"!
گلشن ۾ گل ڪمايل!

مظلوم

پشاور سچو ٿيو قتل گاهه آ!
روان هر طرف خوني درياهه آ!
غريبن تي بلڪل بري ڪاهه آ!
مرڻ کان سوا ٻي نه ڪا واهه آ!

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

اڳيون اُڄ

طرز- هيءَ هتي آرام ناهي- تو سوا تنهنجو قسم

تلهه- جڏهن پنهنجي ديس جي چمڙن جو هت سنمان هو
هند جي هر هڪ بچي وٽ ڌرم جو ايمان هو.

١. جڏهن ڀارت ورش جو چرخوئي مڪيه پرڌان هو
ءِ نراڪت ڪان سمايل نڙ ۾ ململ تان هو.

٢. سبز سائي گاهه سان اڳه چمڪندڙ چوگان هو
ڪيرءِ گهه جي نندين سان مرڪندڙ ميدان هو.

٣. چار طرفي چندرونسي راجپوتي شان هو
ديس رکشالءِ انهن وٽ جوش هو جولان هو.

٤. گيان جو پرڪاش جڳه لءِ آرين استان هو
ڪشترين جي لاءِ سارو تاج ۽ طومان هو.

٥. غير قومن حاسدن لءِ حسرتي سامان هو
ايءَ "دڪايل" دور ديسن ۾ هندي فرمان هو.

آزاديءَ جي آگم

سرڪس لاءِ

طرز- نهين رڪڻي...

تلهه- تان هٽجو، تان هٽجو ايءَ جوان، هندي تان هٽجو.

١. ٽڪرا ٽڪرا جان پلي ڪن- ڳالڙيءَ جو فرمان
هندي تان هٽجو. تان...

٢. نيت ته مرڻو آهه عزيزو- پوءِ ڇا جو ارمان
هندي تان هٽجو. تان...

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٣. ڪڏهن ڪندا هي پارٽ پيارو- آزاديءَ اسٽان ؟
هندي نان هٽجو. نان ...

٤. جنگ شروع آ سٽياگرهه جي- ماري بنان ميدان
هندي نان هٽجو. نان ...

٥. جنگ ۾ ٻوانو نير تراريون- ڪين ڪين ڪرپان
هندي نان هٽجو. نان ...

٦. آهه اهنسا تيغ اوهان لاءِ- صبر سندو سامان
هندي نان هٽجو. نان ...

٧. اچي "ڪايل" مرڪي تيندا- قوم مٿان قربان
هندي نان هٽجو. نان...

انقلاب زندهه باد

پيلو

طرز- گاڪر قسم وو ڪهتي هئن ڪس سادگي ڪي سات

شعر- جنهن جو سچائي نير اهنسا ڪمان آ
تنهنجي وجيه ۾ ڇا ڪوئي باقي گمان آ
آڏار تي ئي جنهن جي هي هندوستان آ
گاندي جو جرڪو شير دل! گاندي يو سمان آ

ٽلهه- هر ڪنهن جو پير جنگ جي ميدان ڏانهن ڪچي
اي جوان انقلاب جو نعارو وڄي وڄي

شعر- جوڌا هلن جو مرڪندا ميدان جنگ ۾
اساهه سورمن سندو ايندو امنگ ۾
تائير تڪي پل تيغ جو تير و تفنگ ۾ (دشمن کا

ڏوليءَ جو ٻانڊ ٻل ڦري ٿي لال رنگ ۾

١- سختين کان ڪو نہ سورمو ويرو جهري جهڄي
اي جوان انقلاب جو نعارو وڄي وڄي
شعر- آهي ڏکيري وات سنڀالي قدم ڪڍو
يارت جي ويڙهه قومي، قلعي تي ڏچا هڻو
ڏکمتي ٿئي نہ شير جئين ايمان مان اڻو
ثابت سچار بانڪا جئين پيشم جيان بڻو

٢- محبت ۾ هر ڪو ملڪ جي سورهيه ڏجي رڄي
اي جوان انقلاب جو نارو وڄي وڄي
شعر- ماتا کي درد ۾ ڏسي ويهڻ گناهه آ
جاڻو تہ هند جو هي پويون پساهه آ
جنهنکي به ملڪ لاءِ "ڏکايل" ڪو چاهه آ
تنهن مڙدل ۽ ڏنيا جو هي عزت ۽ ڇاهه آ

٣- چاڻي هي فرض مرد نہ ميدان مان ڀڄي
اي جوان انقلاب جو نعارو وڄي وڄي.

گرجنا

جڏهن يارت جي شيرن جي هوا ۾ گرجنا ٿيندي
صدا جيءَ جيءَ هزارن حاسدن جي جان چيرندي
جڏهن آزاد ديوي شوق سان يارت اندر ايندي
"ڏکايل" ديس جا ماتا مڙيئي درد ميٽيندي.

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

هلو جوانو جيل ڏانهن

سرگس لاءِ

ٿلهه - گاندي اوهان سان ساڻ آهي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن. ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

١- ڪاليجن کي ڪلٽ لڳائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٢- دڪانن کي تالا لڳائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٣- پارٽ ماتا روز پڪاري - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٤- چار ڏهاڙا هستي آهي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٥- آفيسن جي اميد لاهي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٦- تار ٽپالون ريل روانائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوکيو ڏوکيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٧- سڪولن جي آس مٽائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

٨- جيءَ جيءَ سان آڪاس گجائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٩- قومي ملڪي پيار وڏائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوڪيو ڏوڪيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن
١٠- انقلابي نعارا ماري - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن
١١- آزاديءَ جي آڪ لڳائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوڪيو ڏوڪيو جيل ڏانهن - ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن
١٢- عيش وعشرت لٽ ڦٽائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن - ڏوڪيو ڏوڪيو جيل ڏانهن
١٣- سرتي سختيون سوڙ سهائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوڪيو ڏوڪيو جيل ڏانهن - ڊوڙو ڊوڙو جيل ڏانهن
١٤- پرن ڪريو موڙ نه جهڳائي - هلو جوانو جيل ڏانهن
ڏوڪيو ڏوڪيو جيل ڏانهن - ڪاهيو ڪاهيو جيل ڏانهن

ڪاڏي تلوار!!!

تلهه - ڪاڏي وارا . چئه مائي . ڪاڏي گهر جي - وال گهٽا
وال گهٽي . آنا چار . يارهن وال جلدي ڦاڙ
١. گاندي جو فرمان ٿيو آ - پهري ڪاڏي هر لرنار
ڪاڏي وارا - چئه مائي .....
٢. وديشي ڪپڙي جي آ سراسر - بڏل زهر هر هڪ تار
ڪاڏي وارا - چئه مائي .....
٣. يارهه کي آزاد ڪرڻ لاءِ - گهر جي ڪاڏي جي تلوار
ڪاڏي وارا - چئه مائي .....
٤. هاءِ ٽڪر لاءِ بچا اسانجا . ترڦن ڦٽڪن سوين هزار
ڪاڏي وارا . چئه مائي .....

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٥. دکي ديس ماتا کي پائر. قربانيءَ جي آ درڪار
ڪاڏيءَ وارا. چئه مائي

٦. جاڳه "دڪايل" جاڳڻ گهرجي- غفلت. چڏ ۽ ٿي هشيار
ڪاڏيءَ وارا. چئه مائي .....

سرڪاري چاپلوسن کي صلاح

ٿلهه - هليا ويندا چا ڪندئن- پڇي ويندا چا ڪندئن
ٽڪٽ پنهنجي ونيءَ ويندا- روئي پلا چا ڪندئن

١. غداري غدار ڪندا- سرداري سردار ڪندا
ڏاريا پنهنجي وطن ويندا- ساري پلا چا ڪندئن

٢. بڻي آ تو بڻي آ- نت نڪر جي ڦٽي آهه
پارس هر پيو چاڻي- پڇي ويندا چا ڪندئن

٣. سڪه سيڪو پنهنجو چاڻي- پريون اٿن بڏيون ناڻي
جهاز هوائي هر- هليا ويندا چا ڪندئن

٤. واپاري واپار ڪري- پارس اجاڙ ڪري
نفعو پنهنجو نڌ چاڻي- هليا ويندا چا ڪندئن

٥. ڪانڊيءَ جي گهيءَ کان- پڇي وڃ پلو آ
دال پنهنجيءَ داد ڪري- هنيا ويندا چا ڪندئن

٦. ڏاريا نيت ڏاريا ٿيندا- پنهنجا نيت پنهنجا ٿيندا
سوت هاڻي ساڙي ڇڏيو- ڏاري پلا چا ڪندئن

سي آءِ ڊي وارا

ٿلهه - نان ملڪ ڪريو برباد- سي آءِ ڊي وارا
١- هندواسي ٻاڻ سڏايو تا- پارس جو شان وڃايو تا

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ڏارين لاءِ ڏرم گنوايو ٿا- سي آءِ ڊي واڙا

٢- بس قومي فرض وساريو ٿا- ويچارا دل ۾ ڏاريو ٿا
پائن تي چغلي ماريو ٿا- سي آءِ ڊي واڙا

٣- اڄي صاحب خوب سلام ڪريو- ڇوٽا پارٽ ڪي بدنام ڪريو
ٿا ويٺا هند غلام ڪريو- سي آءِ ڊي واڙا

٤- ڏينهن سارو چڪر لڳايو ٿا- ڇوريون ڪي پرمايو ٿا
ڪنهن لاءِ هي ڪوڙ ڪمايو ٿا- سي آءِ ڊي واڙا

٥- ڏيو مدد ڪا جنگ هلائڻ ۾- اڄ پنهنجي راج بنائڻ ۾
ڏارين کي ٽڪٽ ونائڻ ۾- سي آءِ ڊي واڙا

اعلان هي قومي جهنڊو

ٽلهه- آهه آزاديءَ سندو- اعلان هي قومي جهنڊو
قوم هندستان جو- جند جان هي قومي جهنڊو

١- آوڙو آزاد گيءِ ۾- پاڙ جنهن پختي هئين
آهه پارٽ ديس جي لاءِ- شان هي قومي جهنڊو

٢- جنهن جي سايه هيٺ هڪ ٿيون- مختلف قومون ملي
آهه سو ميلاپ جو- نيشان هي قومي جهنڊو

٣- بل رکي چاهت ڪروڙين- جي پڇائن جو وڏو
مرڪ ماري مرڪندي- ميدان هي قومي جهنڊو

٤- هن هندوري هند ۾- جيسين لڏي ڪو لعل تو
تيسين سهندو ڪيئن پلا- اپمان هي قومي جهنڊو

٥- نيٺ پهچائيندو اوچي- آدرش جي چوٽ لي
پر مراد ن سان ڪندو- دامان هي قومي جهنڊو

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٦- آهه سائر ۽ اچو- ڳاڙهو ٽرنگو هي جهنڊو
جوته ٽن قومن سندو- اڳوان هي قومي جهنڊو
٧- جيسين سڄه ۾ سوجهرو- ۽ چنڊ ۾ چمڪات آهه
تيسين شل قائم رکي- طوفان هي قومي جهنڊو

جيل خاني ۾

تلهه- جوانو گهر هلي پنهنجا وسايو جيل خاني ۾
چڪيءَ کي چاهه سان چوري چلايو جيل خاني ۾
١- اگر آرام ونٽو آ اگر آزاد ٿيڻو آ
ته سر تي سوريءَ سختيون اُٺايو جيل خاني ۾
٢- اگر آزادگيءَ جي لاءِ قيمت آهه قرباني
ته ان جي ابتدا پهرين بنايو جيل خاني ۾
٣- اهي لوهي جون شيخون ۽ پٿر جون سخت ديوارون
انداري قيد جون ڪونيون هڪنبايو جيل خاني ۾
٤- گهري آزادگي مندر "ڪايل" دل پوتر ٿو
الهيءَ لاءِ پاپ پنهنجي کي جلايو جيل خاني ۾

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

قرباني جي ضرورت

تلهه- جوانو هند ۽ سنڌ جا ڪڏهن ميدان تي ايندا
ڪڏهن جنڊ جان پنهنجي قوم جي قدمن ۾ اڇلايندا

١. ڀري تي آگ آزادي گهري تي ڪولڻ قرباني
ڪڏهن تي مست محبت ۾ پتنگه جان پاڻ ساڙيندا

٢. اکنڊ آزادگي ديوي کپي خالي ڪٿي آئي
جوانو پاڪ رت هاري ڪڏهن سو ڀر ڪري ڏيندا

٣. گهري تي ڪشت جي ڪالي پوتر خون جي پيالي
ڪڏهن هيءَ پياس پياسڻ جي لهو سان لعل لاهيندا

٤. اي آئيندهه جا اڳوانو سمهڻ ليا ڳيو اتو جاڳو
اوهين جاڳيا نه جڳ جاڳيو اوهين جڳ کي جڳائيندا

٥. سمو سستيءَ سندو ناهي زمانو ڪرم جو آهي
ڪرمچاري ٿي ڪائنر پٽي کي ڪولڻ ڪائيندا

٦. سڀهو ديس مانا جو سلهو دو ڏروڏي واڪي
اکر آزادگيءَ وارو جتي ويندا لتي ڪيندا

آزادگي

١. اچا ٻي جي اچڻ کان نون ڪندين انڪار آزادي
نه ڏسندين لو جوانن جون سنيون ڏڙ ڏار آزادي

٢. ڏاوسين شوق سان پنهنجي بدن جو خون ڇيتا ۾
نه شايد ٿيو ڪجو تنهنجو اچا ٿمتار آزادي

٣. ٻڌي آڪاس ۾ تارا نڪيون اج راهه تا تنهنجي
مگر تنهنجو اچا تاڪ نه ٿيو ديدار آزادي

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٣. جڏهن يڪسمت تي ايندا هندي آزاد سندو هر
ڪنبي ويندو سندن تعداد ڪان سنسار آزادي

٤. اچا توکي ڪهي جي رت شهيدن جو ڪلي چئه تون
ڏاڍ لاءِ اج به ياورت هر هزارين تيار آزادي

٥. ڪيو جن هيڏه مان هيڪو "ڏ ڪابل" تو سندو ڏرسن
ز توکان سي سارينداِ گهڙي هڪ ڏار آزادي

نوجوانو

تلهه - جوانو ورش ياورت کي اچا ڪيسين لهجائيندا؟
گذاري عيش عشرت ۾ اچا آيو وڃائيندا

١. اڙي دولت جا متوالا اي شائق رنگ رهان جا
ڪڏهن اي گهر غريبن کي اجهي جو آسرو ڏيندا

٢. پري پل پيٽ پنهنجا جيئن سان ليٽو گديلن تي
بکايل پائرن جي پر ڪڏهن بکه کي گوائيندا

٣. ملي مهماني مان تي چا اوهانکي ڪانه ڪا فرصت
پيئن تا خون دل تنکي ڪڏهن پاڻي پياريندا

٤. وڃائيندا "ڏ ڪابل" ئي تڏهن ڏکه ديس ماتا جو
جڏهن پائن جو پائن ۾ سڄو اتحاد آڻيندا.

ديوين کي سڏ

تلهه - هي وقت نه آهه وڃائڻ جو نه وڃائڻ جو
هي ويلو پاڻ ملهائڻ جو نه ملهائڻ جو

١- ياورت جون اي ديوين جا گو
سمو سڻائو آهه سيا گو

ملڪ جي مان بچائڻ جو ۽ بچائڻ جو

٢- ڌار ٿو ڪيڙو لاهيو لاهيو

پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجو ٻاهيو

ڪاڏي سان دل لائڻ جو هان لائڻ جو

٣- گٽي گٽي لي ڏرڻو مار ٿو

ڪسي شراب هٿن مان هار ٿو

وقت نه عيش اڏائڻ جو ۽ اڏائڻ جو

٤- مرڻ سان گڏ ڏرم ٻڌ ٻر

ٽپي ٻڙهن آگ شڌ ٻر

(ٽٽي)- خوف نه جان جلائڻ جو ۽ جلائڻ جو

٥- مرڻ سڏائي ٻاڻ لڪائن

ڇو انهن کي ڇوڙيون پائن

ڪر ڪن ٻار نپائڻ جو ۽ نپائڻ جو

جگر آزمايون

طرز- ڪا ڪنهنجي ڪا ڪنهنجي.....

ٽلهه- اچو نوجوانو هٿر آزمايون

چٽيون گرم گوليون جگر آزمايون

١- ٻري ڪان ٻڌن ٿا ترارين جا ٽڪلا

ڪري سخت سينا سپر آزمايون.

٢- هلي جيل خاني جي لوهي جون شيخون

۽ اوچا پٽين جا پٿر آزمايون.

٣- مني موڪ سان سب سهي سوز سختيون

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

اهنسا سندو هي صبر آزمايون.

٤- ڏيکي پيٽ ۾ رت رشمن ۽ عنين جو
دلي درد جو ٿا اثر آزمايون.

سرڪار آزمائي

تلهه - سڏنا ستيا گرهه جي سرڪار آزمائي
پل ۾ بندوق توپون تلوار آزمائي

١- پوندي اهنسا پل سان طاقت له ڪاڻ پوري
پل جيل خانا ڦاسيون صدبار آزمائي.

٢- جاهل خوشامدين جي ڪوڙا خطاب ڏيڻي
اونڌي امن سيا جا پرچار آزمائي.

٣- جاگيون جتي جون ڏيوڻون جيلن وڃڻ جي خاطر
ڪيئن اڏي ديس لئي ٿي هٿيار آزمائي.

٤- آزاد آهه پاروت آزاد آهه پارت
آفت جا پل ستمگرا اوزار آزمائي.

٥- ترلدو شهيدي رت لي آزادگي جو پڙو
پل قتل لاءِ خنجر خونخوار آزمائي.

٦- آهي نئون لمواوهن ڏڪ جو "دڪايل"
آتما ستيا جو دنيا اسرار آزمائي.

مستانو شهيد

١. خون جي برسات برسي پل تکي تلوار مان
خون جون ڌارون جتن پل جسم جي هرتار مان
خون جو فوهارو جتڪي خنجر خونخوار مان

خون ئي وهندو رهي بس تيغ جوهر دار مان
ٻنهنجي گردن کي جهليندس ظلم جي شمشير تي
ٻاڻ کي سوچي ڇڏيندس سنگدل تقدير تي

٢. خون ناڙين مان ڪڍي ٻلدان ڏي تلوار کي
خون جي خوراڪ ڏي ٻل تيغ جوهردار کي
خون جي ڪو رنگ سان ٻل لال در ديوار کي
خون جو خوشرنگ ئي پختو ڪندو اقرار کي
دشت توکي راج دولت ئي وڏو ايمان آ
يا رڳ منهنجو نه هي تن ديس تان قربان آ

٣. جي غلاميءَ جو تئي ڪچ جان منهنجي تي اثر
پل نه اهڙيءَ جان ڪڙڪي پوي قهري پٿر
ديو چاجي آهه ظالم جلد ڪر ڪيراءِ سر
شوق سان مرندس جي منهنجو ڪال ٽوڙيندو جگر
هون ڪيو منظور ظالم جان بي جان ڪر
تون نه منهنجي نوجوانيءَ تي ذرو ارمان ڪر

٤. چار سو چڪون اڏيون ۽ ٿيو زمين تي زلزلو
ظالم جي تلوار کان جوڏر مچي ويو ٿرٿلو
هاءِ ماتا گود خالي ويو ڪري اڄ لاڏلو
پيو سمورو ساٿ ظالم جو ستيو هو سلسلو
اڄ ڏکايل ئي شهيديءَ کان حقيقت سا عيان
ڪين عالم کان ڪڏهن وسري سگهي جنهنجو بيان

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

شير گرجنا

ملڪ ۽ هند ماتا جو جهنڊو قومي جهلائيندس
وڏايل زور بابين جو سمورو مان وڃائيندس
جڏهن خالي هجارن ڪان سڄي يومي ڪرائيندس
سپاهي ويرماتا جو تڏهن بينڪ چوائيندس
ڏکايل فرض ماتا جو تڏهن سارو ادا ٿيندو
جڏهن آزاديءَ لءِ جان بس هرهڪ ڀچو ڏيندو

نوجوانن جو رهبر

ٿلهه - برن ٿنهنجو ڪربان هي صرف سربس قوم خدمت ۾
نه گهارڻ تو سگهي جاتو ڏسي پائن کي غربت ۾
١- ڏجڻ ڏيجو رکي پاسي بڻائين شير جوانن کي
ٽڪيو ٽنڪي رکي آڻڻ گهرين عبرت عمارت ۾
٢- جواهر، لعل سيني مان ڪڍين سهڻين صلاحن جا
وجهي بل نربلن اندر گڏيءَ قوت ڪرامت ۾
٣- اچي هرگز سگهي تو شير جي اوڏو نه ڪانڙا
هٽائي هيٺنا مان تو بڏين تون جوان جرات ۾
٤- رهين رهبر هميشهه تي جوان جي جئي جو تون
لڳائڻ زور زر چاهين پگل يارت جي مرمت ۾
٥- عطا قدرت ڪئي تو لي نديي کان ذات لاثاني
لٽائي بي بها طبيعت ملي قدرت کان عادت ۾
٦- نوالو تو وجي واجو سندءِ نالي ۽ چالي جو
هنيلن کي به همت سان وڏو تو ويو حسرت ۾

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

٧- رهائي ديس پائيندو سندءِ آزاد خيالين کان
وري تيندو "دکايل" ديس اڳوڻي پنهنجي عظمت ۾
نوٽ. هن شعر جي هرهڪ سٽ مان پهريون اکر
ڪڍبو تہ سچو نالو "پنڊت جواهر لعل نهرو" ٿي پوندو.

شهيدي چمتڪار

١. وسائيندين اڃان برسات خوني آسمان ڪيسين؟
غلاميءَ ۾ اڙي صياد رهندا بي زبان ڪيسين،
لهو قاتل! شهيدن جو اڃان رهندو روان ڪيسين،
بهاريءَ کان اڃان محروم رهندو بوستان ڪيسين،
قهر تنهنجو وسي ڪيسين ڪندو برباد پارت کي؟
پلائي ڪر پلو تيندءِ نہ ڪر ناشاد پارت کي،

٢. وسائي آتشي شعلہ اجاڙيو تو چمن منهنجو،
چپائي ماهہ آزادي ڪيءِ اونداهہ صحن منهنجو
ڏيئي واڳون شڪارن کي ڪيو بند تو دهن منهنجو
انهيءَ فتنہ انگيزيءَ سان ڪندين شايد ڪٿن منهنجو
ڏنو پارت جنم اهڙن مهايو ڏن سريرن کي،
پلائيندي رهيءَ ڏيا ڪڏهن جن سورمن کي،

٣- جڏهن شيرن جي ماتا جو غضب قاتل بپا تيندو،
تڏهن وڪ ياد هر انسان ڏندين آڱريون ڏيندو،
جڏهن شيوا جو چنبو دشمن جي جان چوريندو،
تڏهن هي خون اهيءَ ظالم عجب لالاٽ لائيندو،
جڏهن افلاڪ تي طوفان جي تلوار نازل ٿي،

تڏهن ويندا اشاري تي مڙئي ڪافور بادل تي،
٤. جڏهن ڀارت جي شيرن جي هوا ۾ گرجا ٿيندي،
صدا جيءَ جيءَ هزارن حاسدن جي جان ڇوٽيندي،
جڏهن آزاد ديوي شوق سان ڀارت اندر ايندي،
"ڏکايل" ديس جا ماڻا مڙئي درد ميٽيندي،
جوانن ۾ اهو احساس ۽ سوداءُ پيدا ٿي،
فقط آزادگيءَ وارو ڀيرو ڀاءُ پڌرا ٿي،



NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

ملڻ جا هنڌ

حيدرآباد سندر ساهتيه تلڪ چاڙهي

لاڙڪاڻه دوارڪا داس بردرس ڪتب فروش

وڏي بزار

" هوندراج ليلارام (دڪاڻ)

Printed at the Bharat Press, Hyd. Sind
and
Published by Hoondrai Lilaram, Larkana

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA

NATIONAL ARCHIVES OF INDIA